وطن دوست انقلابي راهه روشن ڪندڙ مشعل

ماهوار


صبح ٿيندو

جون 1998

حيدرآباد

سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان وڏيڪ ڇپجندڙ ريگيولر رسالو

ايڊيٽر: اياز لطيف پليجو




ڪاجول: هر ڪو يي گمان ڪي مخاطب همين سي هين

هن پرچي ۾:

- سنڌ ڊبيٽ
- جاگيرداري جو خاتمو ڇو؟
- جناح پيبڻ جي نظر ۾
- سنڌ تي اردو جي ثقافتي يلغار
- مارڪسزم ختم ناهي ٿيو

ان کان سواءِ شاعري، ڪهاڻيون، رپورتون، مضمون، سفرناما ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه



ڪارل مارڪس: سرها ڏئم سي، جن ساجاءِ سراڻ سين تيغ تنين جي ڪي، ڪٽ نه لڳي ڪڏهين



قيمت:
12 روپيا

محمد علي جناح ڀيڻ جي نظر ۾

ترجمو

زاهده شيخ

مون هڪڙي ڀيڻ جي ڊائري پڙهي آهي، منهنجي ان ڀيڻ جو نالو ثريا آهي، ثريا ڊاڪٽر نورالحسن جي ڌيءَ آهي، جيڪو ڪنهن دور ۾ جمون ۽ ڪشمير ۾ صحت کاتي جو ڊائريڪٽر هو. ثريا جي پنجاب يونيورسٽيءَ مان تاريخ ۾ ايم اي ٿيل آهي. 1956 ۾ هن جي شادي ڪي ايڇ خورشيد سان ٿي، ڪي ايڇ خورشيد ٽن اهم سالن دوران يعني 1944ع کان 1947 تائين قائداعظم جو پرائيويٽ سيڪريٽري رهيو هو ۽ پوءِ آزاد ڪشمير جو صدر ٿيو.

ثريا پنهنجي مڙس ڪي ايڇ خورشيد سان گڏ انهيءَ فليگ اسٽاف هائوس ۾ رهي هئي جنهن ۾ محترمه فاطمه جناح رهندي هئي، فليگ اسٽاف هائوس ۾ ثريا کي محترمه جناح جي سياسي ڄاڻ ۽ سمجهه مان فائدو حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو.

اها اسان سڀني جي خوشقسمتي آهي جو ثريا ٽن ڏينهن ۾ ڊائري لکي هئي جيڪا هاڻي گوتم پبلشرز لاهور جي هڪڙي شاخ آزاد انٽرپرائيز وارن "فاطمه جناح جون راتيون ۽ ڏينهن، فليگ اسٽاف هائوس جون يادون." جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪئي آهي. ثريا اها ڊائري ڏاڍي سادگي، ايمانداري ۽ بي باڪيءَ سان لکي آهي. اڃو ته مان توهان کي ڪجهه ڳالهيون ٻڌايان جيڪي محترمه فاطمه جناح ثريا کي چيون هيون ۽ ثريا وري اهي پنهنجي ڊائريءَ ۾ رڪارڊ ڪيون:

"هڪڙو ڪتو ماڻهوءَ کان وڌيڪ وفادار هوندو آهي، هو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي محسن کي ناهي وساريندو. پاڪستانين پنهنجي محسن کي جنهن کين هي ملڪ ڏنو، تنهن کي وساري ڇڏيو آهي ۽ اهي ڪم پيا ڪن جن لاءِ هي ملڪ نه ٺهيو هو."
(24 فيبروي 1956)

> اسان جا با اختيار ماڻهو به ڪشمير جو مسئلو حل ڪرڻ نٿا گهرن. انهن وٽ جڏهن چوڻ لاءِ يا ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪا بہ ڳالهه ناهي هوندي تڏهن ڪشمير جو نعرو هڻندا آهن

"بمبئي ۾ اسان سدائين صبح جو پاوا کائيند هئاسين. اها قائداعظم جي پسنديده نيرن هئي." (28 فيبروري)

"ٿورڙائي سهي پر اسان وٽ سٺا ماڻهو موجود آهن. اسان کي سٺي اڳواڻ جي به ضرورت آهي. اسان جا ماڻهو ڏاڍا سادا ضرور آهن پر جيڪڏهن سٺي نموني سندن اڳواڻي ڪئي وڃي ته پوءِ اهي ايڏا خراب ناهن. پر گهڻا ماڻهو عقل استعمال نٿي نٿا ڪن ۽ نتيجي ۾ صفا معمولي مفادن وارا سودا ڪن ٿا.

لياقت علي خان هڪڙو (برو) مثال قائم ڪيو جيڪو هاڻي قومي خصلت بڻجي ويو آهي. لياقت عليءَ قائداعظم جي رفاقت جو فائدو ورتو، حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته هن رستو ئي تبديل ڪري ڇڏيو، يا شايد هو سدائين ائين ئي ڪرڻ گهرندو هجي ۽ ٿي سگهي ٿو ته قائداعظم به لياقت علي خان بابت ڄاڻندو هجي پر تحريڪ پاڪستان جي ڪم جي دٻاءَ ڪري اهڙن معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ وٽس گهڻو ٽائيم نه بچيو هجي."
(10 مارچ)

"مون مسلم ليگ جي جلسي ۾ بلڪل چٽيءَ طرح چيو ته پارٽي ڪنهن ٻي هٿان تباهه ناهي ٿي پر خود ليگي پاڻ پنهنجن صفن ۾ بدنظمي پيدا ڪرڻ جا ذميوار آهن. اڄ ماڻهن کي جڏهن به موقعو ملي ٿو ته حڪومت تي تنقيد ڪن ٿا، جيڪڏهن اسان بندوبست ڪريون ها ۽ مسلم ليگ اهڙا فيصلا ڪري ها جو انهن فيصلن جي اهڙي ئي پليڪار ٿئي ها جهڙي تحريڪ پاڪستان وقت مسلم ليگ جي فيصلن جي ٿيندي هئي ته جيڪر حالتون ههڙيون افسوسناڪ نه ٿين ها. (10- مارچ)

ثريا خورشيد: "محترمه! جيڪڏهن ڪشمير ۾ ماڻهن جي عام راءِ معلوم ڪئي وڃي ته نتيجو پڪ سان پاڪستان جي فائدي ۾ ئي ايندو پر شايد وڏيون طاقتون ائين ڪرڻ نٿيون گهرن."

محترمه جناح: "اهو صحيح آ، پر خود اسان جا با اختيار ماڻهو به ڪشمير جو مسئلو حل ڪرڻ نٿا گهرن. انهن وٽ جڏهن چوڻ لاءِ يا ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪا بہ ڳالهه ناهي هوندي تڏهن ڪشمير جو نعرو هڻندا آهن، ان کان علاوه ڪجهه ماڻهو ڪشمير ۾ رڳو ان ڪري دلچسپي پيا وٺن جو اهي نشاط باغ ۾ بنگلا ٺاهڻ گهرن ٿا يا مهاراجه جي محل تي قبضو ڪرڻ گهرن ٿا." (11- مارچ)

"مون کي گهڻي خبر ڪانهي پر ايتري پڪ اٿم ته 1947 جي آخر ۾ جيڪي ڪجهه ڪشمير ۾ ٿيو تنهن جي تفصيلن کان قائداعظم مڪمل طرح بي خبر هو، درحقيقت هن کي ڪا به خبر ڪانه هئي، ۽ اهو هن لاءِ شرمساريءَ وارو معاملو هو ته ذري جيترو به عقل استعمال ڪرڻ کانسواءِ اهڙو بي ڍنگو ۽ غير منظم قدم (ڪشمير تي قبائلي حملو) کنيو ويو، اهو ملڪ لاءِ وڏو ڌڪ هو ۽ ان ڪري ڪشمير جو مسئلو پيدا ٿيو، اسان انهيءَ قدم جي قيمت چڪائي رهيا آهيون."

"قائداعظم ٽن ڏينهن ۾ سخت بيمار هو، هن مٿان فرقي وارائڻ فسادن ۽ نئين نهيل ملڪ جي مسئلن جو ڳرو بار هو، ڪيس الاهي ڪم ڪرڻو هو، لياقت علي خان کي به وزيراعظم جي حيثيت ۾ ڪا به خبر ڪانه هئي. قبائلين جو حملو حڪومت لاءِ مڪمل طرح غير متوقع هو. صوبي سرحد جي پٺاڻن، ڪجهه اڳوڻن سرڪاري ملازمن ۽ قيوم خان ملي اهو منصوبو رٿيو هو، جيڪڏهن ان رٿا تي سٺي نموني ڪم ڪيو وڃي ها ۽ ان کي حڪومت جي منظوري حاصل هجي ها ته ٿي سگهيٿو ته ان وسيلي 1947 ۾ ڪشمير آزاد ٿي وڃي ها. حقيقت اها آهي ته ڪجهه غير ذميوار ماڻهن خود غرضيءَ وچان جوش ۾ اچي حد کان وڌيڪ تڪڙ ڪئي ۽ انهن مان ڪنهن به اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي ته ان ابهري قدم جي پاڪستان کي ڪيتري وقت ائين قيمت چڪائڻي پوندي."

".... ڇا ٿو ڪري سگهجي جڏهن اسان جا پنهنجا حڪمران، اسان جا پنهنجا سياستدان، اسان جا پنهنجا فوجي قومي مفادن جو خاص خيال نٿا رکن ۽ اهڙي نموني ڪم ڪن ٿا جو اسانکي شرمسار ٿيڻو ٿو پوي. (13- اپريل)

"اڄ محترمه ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هئي، چيائين ته، مخدوم زادي حسن محمود سمورن مسلم ليگي وزيرن پاران ڊاڪٽر خانصاحب جي ريپبلڪن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته هن جي دلچسپي فقط وزارتن سان آهي." هن چيو ته "اهڙن ماڻهن جا اصول ڪمزور هوندا آهن ۽ سندن ڪي به معيار ۽ ماپا ناهن هوندا، هنن جو قومي مفادن سان ڪو به واسطو ناهي هوندو ۽ نه ئي آئندي تي نظر هوندي اٿن."

خورشيد چيو ته "فيروز خان به ريپبلڪن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو آهي ۽ ڊاڪٽر خان صاحب (اوير پاڪستان جي اسيمبليءَ ۾) 189 ميمبرن جي حمايت جي دعويٰ ڪئي آهي."

محترمه چيو، "اهي سڀ ساڳي ٻيڙيءَ جا سوار آهن. اهڙن ماڻهن جا پنهنجا ڪي به اصول ناهن هوندا، اهي وقت سان گڏ تبديل ٿيندا آهن ۽ سندن پنهنجو ڪو به نقطه نظر ڪونهي هوندو. اهي عارضي فائدا ماڻڻ لاءِ ٻي ڪنهن به ڳالهه جو خيال ناهن ڪندا." (23 - اپريل)

"هنن کي قائداعظم جا قول به ياد ڪونهن، جيڪي قول ريڊيو تي نشر ٿين ٿا يا اخبارن ۾ شايع ٿين ٿا تن کي به رڳو خاص فيشن طور ۽ قائد جي اصلي لفظن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو وڃي ٿو جيڪو غلط آهي. قائداعظم جا مذهب، حڪومت ۽ ماڻهن جي حقن بابت خيال مڪمل طرح ماڻهن اڳيان پيش ڪرڻ گهرجن، هاڻي اخبارون هن جو خاص پوز ۽ خاص تقرير شايع ڪن ٿيون. جنهن ڊريس ۾ هن کي ڏيکاريو وڃي ٿو، اها قائداعظم رڳو ٿورڙن آگرين تي ڳڻڻ جيترن موقعن تي پاتي هئي. هو سڄي زندگي غير ملڪي سوٽ پائيندو هو، جيڪڏهن هنکي مغربي ڊريس (فل سوٽ) ۾ ڏيکاريو وڃي ته ڇا هن جي حيثيت ۽ اهميت گهٽجي ويندي." (23- اپريل)

"صحيح يا غلط پاڪستان اسان جي چونڊ آهي، پر جنهن جذبي سان اسان پاڪستان ٺاهيو اهو ان جذبي سان ان پاسي وڌي نه سگهيو، جنهن پاسي اسان وڃڻ گهريو پئي. مونکي خوشيءَ آهي ته اهو سڀ ڏسڻ لاءِ قائداعظم جيئرو ناهي." (6 مئي 1956) (ڊان جي ٿورن سان)

محمد ايوب ڀائيتار (جنرل سيڪريٽري سنڌي هاري تحريڪ ضلعو ٺٽو)

•••

سانورين جا بہ فوٽا ڏيو.

توهان صبح ٿيندو ۾ رڳو آمريڪي ادارڪارائن ۽ گوري چمڙي وارين هيروئنن جا فوٽا ٿا ڏيو. هندستان ۽ پاڪستان جي آبادي جي اڪثريت سانوري آهي. ڇا توهان وٽ رواڻي، ڪاجل، شلپا، صاحبہ، سري ديوي ۽ ميرا جا فوٽو ڪونہ آهن.

خالد ميمڻ (هالا)

•••

هندستان ۾ سنڌين جو صوبو

جيئن تہ اهو هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ سنڌي ماڻهن کي هندستان ۾ ڪو بہ صوبو ڪونهي، جنهن کي هو پنهنجو سڏين، باوجود ان جي تہ هندستان جي معيشت ۾ سنڌي اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

اها عجيب ڳالهہ آهي تہ هندستاني جي ڪابينہ ۾ اهم وزارتن تي ٻن سنڌين- ايل ڪي آڏواڻي ۽ رام جيٺملاڻي سنڌي ماڻهن جي زندگين تي ڪو خاص فرق نہ وڌو آهي. سواءِ ان جي تہ سنڌين کي ڪجهہ مڃتا ملڻ لڳي آهي. اڄ نہ رڳو اهي سنڌي جيڪي هندستان ۾ رهن ٿا پر اهي بہ جيڪي ٻاهر رهن ٿا، سي هندستان جي معاشي ترقي ۽ واڌاري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سنڌين جي واپاري ڪميونٽي طور سڃاڻپ هاڻي هندستان جي سرحدن کان ٻاهر نڪري وئي آهي. هندستان ۾ هڪ باعزت جاگرافيائي پوزيشن لاءِ گڏيل عرب عمارتن جا سنڌي پوري دنيا ۾ ڦهليل سنڌين کي گڏ ڪري پنهنجو ڪيس هندستان جي اختيارين آڏو ڇو نہ ٿا رکن؟

راجڪمار ڀاٽيا (ابوظهبي) (خليج ٽائيمس 11 مئي 1998 ۾ ڇپيل)

•••

وحشي جيوت جا نشان

هاورڊ موئر جي ڪتاب Savage Survivals جو محمد ابراهيم جويو پاران ڪيل سنڌي ۾ ترجمو وحشي جيوت جا نشان پڙهيم. هن ڪتاب انساني ارتقا، انساني ۽ حيواني جبلتن ۽ تهذيبن جي ترقي متعلق ڪيترن ئي مونجهارن کي دور ڪري تمام گهڻي سمجهہ ۽ ڄاڻ ڏني. جيتوڻيڪ ترجمي ۾ ڪي ڳالهيون / لفظ وڌيڪ وضاحت طلب هئا پر تہ بہ مجموعي طرح ڪتاب ڏاڍو ڪارائتو آهي. سڀ کان پهرين تہ انسان حيوان مان انسان ڪيئن ٿيو، اخلاق انسان ۾ ڪيئن آيو ۽ ڪهڙا عمل دهرائي يا هڪ circle مڪمل ڪري ٻيو شروع ٿيو. اهو تہ طئي آهي تہ اسان سماج ۾ رهندڙ حيوان آهيون، پر حيوان کي ڪڏهن سماج ۾ رهندڙ حيوان نہ ٿو چئي سگهجي، تہ پوءِ معاشرو جنهن ڳالهہ کي قبول ڪري يا ان جي مطابق ڪم يا انسان جا عمل هجن تہ اهو اخلاق ۾ شامل آهي، ۽ ان ۾ ناڪام ٿيڻ جي وجهہ آهي پاڻ کي ڇڏي، ٻين مان سٺي يا چڱي ٿيڻ جي اميد رکڻ. بحرحال اهو ظاهر آهي تہ هن ڪتاب جو (اخلاقيات) متعلق موقف هي آهي تہ چڱائي ۽ برائي جو خيال يا تميز اسان جي سماجي وصف آهي، پهرين حصي ۾ آهي تہ جانورن جو اصل نسل ڇا آهي اهو ٻڌايو ويو آهي. جانورن مان اسان ڪهڙا فائدا وٺون ٿا، اهي اسان جي لاءِ ڪيترا اهم آهن، انسان جي زندگي ۾ انهن جي ڪيتري اهميت آهي ۽ انسان روزمره جي زندگي ۾ جيڪي شيون استعمال ٿو ڪري اهي جانورن، ٻوٽن، جيتن، فصلن، پکين وغيره تي مشتمل آهن. ٻيو تہ سڀ جانور وغيره پهريان ڪهڙي حالت ۾ هيا ۽ هاڻ گهريلو ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيئن آهن؟ جڏهن تہ حيوانن ۽ انسانن جو اصل نسل هڪ ئي آهي حيواني ۽ نباتاتي سيني ذاتين ڪانسواءِ انسان پنهنجي موجوده تهذيب ۽ تمدن هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ برقرار نٿو رکي سگهي. ٻئي حصي ۾ آهي تہ انسانن يا جانورن جي زندگي يا انهن جون صلاحيتون، پاڻ کي بهتر بنائڻ جون ڪوششون يا انهن جون اضافي جبلتون آهن ۽ هن زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ اهي ئي جانور بچي سگهن ٿا، جن ۾ پنهنجي ماحول مطابق زندگي گذارڻ جي صلاحيت موجود هوندي آهي، باقي ٻيا سڀئي ختم ٿي وڃن ٿا، انسان توڙي حيوان ۾ تمام گهڻا زائد عضوا موجود آهن. قدرتي شين کي Change ڪري هڙادو طريقي سان جڏهن هن کي هڪ نئين ماحول ۾ وڌو ويندو آهي تہ هن جا الاهي عضوا ضايع ٿي ويندا ۽ ڪجهہ نون عضون جي ضرورت پوندي، ٻين جي خون يا محنت تي پلجڻ وارن جانورن جا ڪيترا عضوا ضايع ٿي چڪا آهن، جنهن وقت هو آزاد ۽ پنهنجي منهن زندگي گذاريندا هئا، تڏهن جيڪي عضوا هن وٽ موجود هيا، سي ٻين جي خون، محنت تي زنده رهڻ جي ڪري بلڪل نڪما ٿي چڪا آهن. اهڙي ئي طريقي سان انسان ڪجهہ اهڙين رسمن رواجن کي جن مان هاڻي ڪوبہ فائدو ڪونهي، مثلن، سياسي، مذهبي، اقتصادي ۽ پنگتي سرشتن کي پڪڙي ويٺا آهن ڇو هر قوم، هر جماعت، هر عقيدي جا پوئلڳ پنهنجي عقيدي، پنهنجي رسم رواج ۽ خيالن کي صحيح سمجهندا، ٻين سڀن کي فضول ۽ غلط تصور ڪندا آهن. اهي ماڻهو اهي ئي آهن جيڪي چون ٿا تہ هيءَ دنيا جيئن آهي شروعات کان وٺي ائين ئي هئي، ڪوئي ڦيرگهير ناهي آيو. انهن کي اها خبر ناهي تہ انسان کي اڄ تائين حيواني زندگي جي ڪهڙن مرحلن مان گذرڻو پيو آهي، اهي سڀ وحشي جيوت جي هڪ قديم عادت ظاهر ڪندا آهن. اسين اگر گهٽو پري تائين نظر وجهون تہ سمجهي سگهون ٿا تہ ان وقت ۾ نوان نمونا هوندا نيون ڳالهيون ٻوليون، نيون قومون، نوان ڪارخانا، تعليم جا نوان سرشتا، ٻيا سماجي ناتا ۽ نوان خيال هوندا اڄ تائين اسين ڪنڌ ڪٽي نٿا هلون، هميشہ ائين نہ هوندو. اسان جو حال، گذري ويندڙ وقت جي رڳو هڪ جهلڪ آهي.

پروين شيخ (پرڀات وومين آرگنائيزيشن - شهدادڪوٽ)

•••

ايٽمي ڌماڪو ۽ آمريڪا

ڀارت جي انتها پرستن نيٽ ايٽمي ڌماڪو ڪري ايشيا جي امن جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو هڻي ڇڏيو ڇا آمريڪا جي ايجنٽن کي اڳواٽ ان جي خبر نہ پئي هوندي پر هو خود چاهين پيا تہ چين ۽ پاڪستان خلاف ڀلي ڀارت هڪڙو خطرو ثابت ٿئي، ان مثال مان اسان جي آمريڪي دلال حڪمرانن کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

خالق شيخ (ڪراچي)

•••

پراڻي ڊائري - يادگيرين ۽ پڇتاءُ

مٽي ۾ اٽيل خاڪي رنگ جي ڊائري ٻاغ ۾ ڏسي جسم ۾ هڪ سرد لهر ڊوڙي وئي، ڊائري جا ورق هوا ۾ اڏامي رهيا هئا، مان گم سم ٿي ويس، ڪڏهن بہ ائين نہ سوچيو هئم تہ زندگي جا حساس لمحا جيڪي جذبن، ياداشتن، شعرن ۽ ڪجهہ لفظن جي روپ ۾ 1987 جي هن ڊائري ۾ قيد آهن ائين هوا جي لهرن سان اڏامندا.

ڳاڙها ڪپڙا، نشو پيپر، فيض جو ڪو شعر، انشاءَ جي نظم سڀ ڪجهہ تہ هو هن ڊائري ۾، اها ڇاتل سڃاتل خوشبودار تحرير اڄ ڇو هن طرح بيگاني آهي؟

ڪوڙ ۽ سچ ڇا آهي، ڇا هي سچ آهي يا هو سچ هو؟ احساسن جي تبديلي جو نالو ئي زندگي آهي اڪثر ائين چئي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي سٽل لطيف جذبن کي جن سان يادگيرون وابسطہ آهن تسلي ڏيندو آهي. مان ناڪام آهيان، الائي ڇو؟

عابد شاهہ (حيدرآباد)

•••

ايس ايس ٽي ميرپور خاص جي سار ڪير لهندو

اڄڪلهہ ميرپورخاص ضلع ۾ ڪٿي بہ سنڌي شاگرد تحريڪ جو ڪم نہ ٿي رهيو آهي، ان جو ذميوار ڪير آهي؟ هي جا ڪارڪن غفار ناريجو، انور نوحاني ۽ لعل سنڌي، ڏنل البرٽ رازق ڏنو ڪلوئي وريام ڪلوئي، حاجن ڪوسو ۽ ممتازڪوسو اهي ڪٿي آهن ميرپور خاص ضلعو ڪنهن دور ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جو قلعو هوندو هو اتي اڄ ڪير بہ ڪم ڪرڻ وارو ناهي نہ ئي سرگرمي آهي ان تي آئون مرڪزي صدر حڪيم زنگيجي ۽ جنرل سيڪريٽري فياض نائچ کان پڇڻ ٿو چاهيان.

ڪهاڙو جروار (ميرپورخاص)

•••

خدمت ڪميٽي ۽ پنجابي پوليس وارا

محترم ايڊيٽر صاحب

آئون هيءَ ننڍڙي حقيقت صبح ٿيندو جي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ گهران ٿي، اميد تہ مايوس نہ ڪندا.

اسان جي ملڪ ۾ عام طور ۽ سنڌ ۾ خاص طور ريل رستي سفر ڪرڻ هڪڙو وڏو

مسئلو آهي، اول ته ماڻهو اسٽيشن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ريل اچڻ جو انتظار ڪري، ريل پڄي ته وري ويهڻ لاءِ جاءِ نه ملي ۽ وري هلي ته هر ٻئين ٽئين اسٽيشن ڪانپوءِ ٻيو نه ته به ڪراسنگ جو سبب پيش ڪري، ڪلاڪن جا ڪلاڪ جهنگن ۾ بيهي رهي. تنهنڪري آئون ڪوشش ڪري ريل جو سفر گهٽ ڪندي آهيان، پر ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجو جنگشاهي وڃڻ ٿيو، حيدرآباد کان جنگشاهي وڃڻ توڙي واپسيءَ لاءِ ريل جو سفر ڪرڻو پيو.

اها منهنجي خوشقسمتي هئي جو انهن ٻنهي سفرن دوران رڳو ريل جو انتظار ۽ ويهڻ جي جاءِ جو مسئلو درپيش آيو، باقي جهنگ ۾ بيهڻ کان بچي وياسون، ها البته گهٽ ۾ گهٽ مون اڳيان هڪڙو بلڪل نئون واقعو پيش آيو.

ٿيو هئين ته جڏهن ريل جهمپير اسٽيشن ڪراس ڪئي ته اوچتو پوليس وردين سان ٻه پنجابي هڪبئي سان ڳالهائيندي اسان جي گاڏي ۾ داخل ٿيا ۽ پاڻ ۾ ڳالهائيندي مسافرن ڏانهن ڏسڻ لڳا. مسافرن مان ڪن عورتن ۽ مردن پنهنجن پرسن ۽ ڪيسن ۾ هٿ وڌا ۽ ٽڪيٽون ڪڍي پوليس وارن طرف وڌايون. پوليس وارن ڪين ٽڪيٽون پاڻ وٽ ٿي رکڻ جو اشارو ڪيو، مون ڏٺو ته ان وقت هڪدم پوليس وارن جي ڪجهه چوڻ ڪانسواءِ ٿي جن وٽ ٽڪيٽون ڪونه هيون، تن پئسا ڪڍيا ۽ پوليس وارن کي ڏنا ۽ پوليس وارا ڳڻڻ بنا پئسا وٺندا ويا. پئسا ڏيندڙ مسافرن ۾ سنڌي، اردو، پنجابي ۽ بلوچي ڳالهائيندڙ شامل هئا. اهي پنجابي سپاهي اتي ٿي بيٺا هئا ته اچي سرڪاري ڊريس ۾ ايس ٽي (ريل ۾ ٽڪيٽ چيڪ ڪرڻ وارو) ۽ ان سان گڏ پرائيويٽ ڊريس پهريل هڪڙو شخص اسان جي گاڏي ۾ آيا. معلوم ٿيو ته اهو پرائيويٽ ڊريس وارو شخص خدمت ڪميٽيءَ جو نمائندو آهي. ان نمائندي جي ٻوليءَ جي خبر پئجي نه سگهي.

ايس ٽي کي ڏسي اسان پارن ٽڪيٽ هو لڌرن پنهنجون ٽڪيٽون ڪڍي پيش ڪيون، باقي جن اڳ ٿي پوليس وارن کي پئسا ڏئي ڇڏيا هئا تن پوليس وارن ڏانهن ڪنڌ جو اشارو ڪيو، ايس ٽي ۽ خدمت ڪميٽيءَ جو نمائندو اهي اشارا سمجهي پوليس وارن جي پويان پويان اڳتي وڌي ويا، شايد ٻي گاڏي ۾ ساڳئي ڪاروائي ڪرڻ لاءِ.

زاهده شيخ (حيدرآباد)

عوامي آواز جي مولوي کي جواب

25 اپريل تي روزانه "عوامي آواز" جي اندرين صفحي تي ڏٺم ته سنڌ جي قائد رسول بخش پليجو تي نفرت انگيز، دل ڏاربندڙ خط ڇپيل هو، لطيف جي پارکو، سنڌين جي عظيم رهنما تي ڪنهن ملان پاران بهتان ۽ الزام لڳل هو ۽ مان هن مولانا کان اهو ٿو پڇان توهان جلدي ۾ اها فتويٰ لڳائيندا آهيو ته بريلوي ڪافر ۽ شيعا ڪافر آهن، توهان کان مان ايتري ته ڳالهه پڇڻ چاهيان ٿو ته توهان پاڻکي الله جا سپاهي ٿا سڏايو الله جي سپاهين جو اهو ته ڪم نه هوندو آهي جو هڪ مسلمان کي ڪرسي جي لالچ ۾ قتل ڪيو وڃي. افغانستان جي جيڪا صورتحال آهي انهيءَ جي سڄي دنيا کي خبر آهي باقي رهيو سوال ته افغانستان ۾ ملان چوي ٿو ته "امن" آهي توهان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته مسلمانن جي مذهب ۾ جهيڙو، فساد آهي ڪونه، مولوي صاحب توهان کي اسلام جي معنيٰ جي خبر آهي يا نه، يا توهان ننڊ ۾ آهيو، اسلام جي معنيٰ آهي "سلامتي" توهان مسلمانن کي سلامتي ڏني آهي. توهان جيو آهي ته رسول بخش پليجو کي "اسلام" جي ڪا خبر نه آهي. توهان کي اڳون چئلينج آهي ته "اسلام" تي بحث ۽ مباحثو ڪيو رسول بخش پليجو تي جيڪي الزام هڻيا آهن انهي جو بنياد آهي ۽ توهان سنڌي اخبارن جي مٿان الزام لڳايو آهي ته "سنڌي اخبارون بهادرن ۽ مجاهدن کي بدنام ڪري رهيون آهن" ته جي اهي مسلمان مجاهد سڏيا ويا ته "پروچانديو" به هڪ مجاهد هو.

توهان قائد انقلاب رسول بخش پليجو جي مٿان جيڪي الزام هڻيا آهن انهي جي توهان معافي وٺو ۽ سنڌي صحافت کان معافي وٺو نه ته قوم جمهوريت پسند سنڌي ۽ آزاد صحافت توهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندا.

عبدالقيوم جوڳي قادري (سجاڳ بار تحريڪ (ٽري ميرواهه)

•••

ننگرپارڪر ۾ مينگهواڙن سان ظلم

16 نومبر 1995 تي غلام مصطفيٰ گهمراڻي ڪوسو تقريباً سوکن مسلح ماڻهو ۽ ايس ايچ او ننگر پارڪر محمد خان رند کي پنهنجي مڪمل گارڊ سان گوٺ ڪاسبو جي مسڪين مينگهواڙ هاريون. هر هڪ گرڙ ڪڇرو ۽ ڏامون ڪڇرو جي پي سروي نمبر 312 ۽ 613 تي اوچتو ڏنڊي جي زور تي قبضو ڪيو. اول ايس ايچ او صاحب ٽن مسڪين مينگهواڙ هارين کي مختلف بهاني دوکي سان پاڻ وٽ گهرائي ننگرپارڪر شهر ۾ ويو، جتي ڪوڙي ڪاغذي ڪاروائي ذريعي پوليس سان مقابلو جاڳائي لاڪپ ڪري، ٻئي ڏينهن چالان ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي طرف ظالم ڪوسي غلام مصطفيٰ پنهنجي غندن کي ولي ٻنهي قبرن تي زوري قابض ٿي ويو، ٻنهي ۾ موجود ٻارڙن ۽ عورتن کي مارڪٽ ڪري زمين تان زوري بيدخل ڪري ڇڏيو، ٻنهي ۾ موجود چڻن هارين جي چڻ ڏڳن جي جوڙن، پنجن بڪرين ۽ هڪ ڳابي کي چورائي غائب ڪيو ويو. آباد سمورو تيار فصل پنهنجن غندن معرفت راتو رات ڪٽائي ويا، جو مڪمل سامان به ضبط ڪري غائب ڪيو ويو.

مينگهواڙ برادري ننگر پارڪر

•••

ڊاڪٽر غلام حسين کي روڪيو

30 اپريل سنڌ اخبار جي مين پيج تي پ پ (ش ڀ) جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام حسين جو بيان پشاور کان لڳو ته ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻيا ڊيم فورن ٺاهيا وڃن. ڪالاباغ ڊيم يا ڪنهن ٻئي ڊيم جي مخالفت ڪندڙ ملڪ سان مخلص نه آهن. ڊيم انا جو نه پر ملڪي مسئلو آهي. اهڙو بيان ڏئي ڊاڪٽر سنڌ واسين جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪيو آهي ۽ ان سان گڏ پ پ (ش ڀ) سنڌ جي اڳواڻن لاءِ هن چئلينج ڇڏيو آهي ته هو هن جي اهڙي غليظ بيان تي ڪهڙو رد عمل ظاهر ڪن ٿا. ڊاڪٽر غلام حسين ويٺي ويٺي دٻ نه ڏني آهي پر هن سوچي سمجهي اها ڳالهه ڪئي آهي. هن کان اڳ ۾ غنوه ڀٽو صاحبه پنجاب ۾ وڃي اهڙو بيان جاري ڪيو هو پر وري سنڌ ۾ اچي ان جي مخالفت ڪئي. هاڻ اسان انهن ماڻهن کي ڏسنداسين جيڪي پ پ (ش ڀ) جا ڪارڪن جن ڪالاباغ ڊيم خلاف رڳو بيان بازي نه پر باقاعدي جدوجهدون ڪيون آهن جلسه ۽ جلوس ڪيا آهن هاڻي انهن جي روئي ۾ ڪهڙو فرق ٿو اچي اهي ڊاڪٽر غلام حسين لاءِ ڪهڙي ٿا راءِ ڏين پوءِ ٿي سنڌي ماڻهو ڪين غلط يا صحيح سمجهندا. پ پ (ش ڀ) جي چيئرمين سنڌ جي حقيقي مسئلن تي ڌيان ڏيندي ۽ ڪالاباغ ڊئم کي زندگي ۽ موت جو مسئلو سمجهندي جي ڊاڪٽر غلام حسين کان انهيءَ پريس ڪانفرنس جي ترديد ڪرائي. جي ترديد نه ٿو ڪري ته پارٽي مان خارج ڪيو ته پوءِ اسان سمجهنداسين ته پ پ (ش ڀ) کي واقعي سنڌ جي مسئلن سان دلچسپي آهي.

انور نوحاڻي (ڊگهڙي)

•••

عوام مٿان ٻاري مئنڊيٽ جو بار لهڻ کپي

17 آگسٽ تي ٿيندڙ جهاز حادثي ۾ ڊڪٽيٽر ضيا جي خاتمي کان پوءِ ظاهري طور تي عوام مٿان ننگي ۽ اگهاڙي ڊڪٽيٽر شپ جو جڻ ته خاتمو ٿيو، پر ضياءَ جي عوام دشمن فئڪٽري ۾ ميان نواز شريف کي تيار ڪري سياسي جانشين طور اڳتي آئيندڙ قوتن 97 جي چونڊن ۾ ڪيس ڪوڙو ۽ بوگس مئنڊيٽ ڏئي، جمهوريت جي نالي ۾ ڊڪٽيٽرشپ جي شروعات ڪئي. فرق صرف اهو آهي جو ضياءَ سنئون سڌو فوجي مارشل لا جي زور تي ڪارا قانون مذهبي ملڪ دشمن ڪم ڪيا ۽ هاڻي وري اسٽيبلشمينٽ ۽ بيورو ڪريسي وڏي چالاڪي ۽ هوشياري سان صرف ٽيڪنيڪي تبديلي آڻيندي، فوجي مارشل لا جو رستو تبديل ڪري اليڪشن کي ڏاڪڻ طور استعمال ڪندي، ميان نواز شريف کي بوگس ڀاري مئنڊيٽ جو ماسڪ چاڙهي جمهوريت جي نالي ۾ ساڳي ملڪ دشمن ۽ عوام دشمن پاليسي تي عمل ڪري رهيا آهن ته جيئن بين الاقوامي سطح تي ملڪ جي ساک به بچائي سگهجي. جمهوري حڪومت جي نالي ۾ عوام جي اکين ۾ سرمو وجهي، ساڳي ضيائي پاليسي تي عمل ڪندي پنهنجا مفاد به حاصل ڪجن، خوبصورت بيانن، اعلانن ۽ تقريرن وسيلي اهو ڏيکاءُ به ڏجي ته موجوده حڪومت ملڪ توڙي عوام جي مفادن وٽان ڪم ڪري رهي آهي. ڪم ساڳيا ڊڪٽيٽر ضياءَ وارا پاليسيون ساڳيون صرف ٿورڙي تبديلي. هو ضيائي مارشل لا جو دور هو ته هي وري جمهوريت جي نالي ۾ ڊڪٽيٽرشپ جو دور آهي. هن حڪمران ٽولي ۾ بوگس مئنڊيٽ جي هوا ايتري ته ڀري وئي آهي جو هي پنهنجو هوش حواس وڃائي عوام دشمني وارين پاليسين تي عمل ڪندي سڄي ملڪ